باب

# 23 دوائن جي پيٽي



هر گھر ۽ هر ڳوٺ ۾ ڪن اهڙين دوائن جو سدائين هجڻ ضروري ٿئي ٿو جيڪي هنگامي حالتن ۾ استعمال ڪري سگھجن.

- انلاءِ هر گھر ۾ ’گھريلو دوائن جي پيٽي‘ (Home Medicine Kit) (ڏسو ص. 334) جو هجڻ ضروري آهي، جنهن ۾ ترت طبي امداد، هلڪين ڦلڪين بيمارين / انفيڪشنن ۽ صحت جي عام مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ دوائون موجود هجن.
- جڏهن ته ڳوٺ ۾ دوائن جي اهڙي پيٽي (ڏسو ڳوٺ لاءِ دوائن جي پيٽي ص. 336) ۾ جيتري قدر ٿي سگھي، وڌ ۾ وڌ اهڙيون دوائون موجود هجڻ گھرجن جيڪي نه رڳو روزانو پيدا ٿيندڙ صحت جي مسئلن ته سنگين بيمارين يا هنگامي حالتن ۾ به استعمال ڪري سگھجن. اهڙي پيٽي ڪنهن ذميوار فرد جهڙوڪ: ڪنهن هيلٿ ورڪر، استاد، وڏڙي، اسٽور ڪيپر يا ڪنهن به اهڙي فرد وٽ هجڻ گھرجي جنهن تي ماڻهن جو ويساهه هجي. جيڪڏهن ٿي سگھي ته ڳوٺ جي سڀني فردن کي اهڙي پيٽي تيار ڪرڻ ۽ ان تي خرچ ڪرڻ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ گھرجي. انلاءِ جيڪي فرد جيترو وڌيڪ خرچ ڪري سگھن ٿا، ڪين ڪرڻ گھرجي. ساڳئي وقت سڀني کي اها ڳالهه به سمجھڻ گھرجي ته، دوائن جي پيٽي سڀني جي فائدي لاءِ آهي. يعني ته جيڪي ان جي لاءِ خرچ ڪري سگھن ٿا ۽ جيڪي خرچ ڪري نٿا سگھن.

ايندڙ صفحن تي صلاحون ڏنيون ويون آهن ته دوائن جي پيٽي ۾ ڇا ڇا هجڻ گھرجي. دوائن جي اهڙيءَ لسٽ ۾ توهان پنهنجين ضرورتن، گھرجن ۽ وسيلن آهر تبديلي آڻي ان کي بهتر کان بهتر بڻائي سگھو ٿا. جيتوڻيڪ، لسٽ ۾ گھٽي ڀاڱي جديد دوائن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جڏهن ته اهڙا گھريلو ضروري ٽوٽڪا (سٽيون ڦڪيون ۽ ڇاڻا وغيره) جيڪي اثرائتا ۽ ڪارائتا سمجھيا وڃن ٿا، سي به شامل ڪري سگھجن ٿا.

## هر دوا ڪيتري مقدار ۾ رکڻ گھرجي؟

دوائن جي پيٽي ۾ گھٽ ۾ گھٽ مقدار ۾ دوائون رکڻ جي صلاح ڏني ويندي آهي، يعني ايترو مقدار جيڪو سولائيءَ سان رکي سگھجي. جڏهن ته ڪن حالتن ۾ رڳو ايترو مقدار رکجي ٿو ته جيئن علاج شروع ڪري سگھجي. جو ممڪن ٿي سگھي ٿو ته اهڙي ناچاڪ فرد کي اسپتال نيڻو پوي يا ترت وڌيڪ دوائن جي ضرورت پوي.

دوائن جي پيٽي ۾ دوائون ڪيتري مقدار ۾ رکجن ٿيون ان جو مدار هن ڳالهه تي ٿئي ٿو ته اهي ڪيترن ماڻهن لاءِ استعمال ڪرڻيون پونديون؟ ۽ جڏهن ختم ٿي وڃن ٿيون تڏهن توهانکي اهي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترو پري وڃڻو پوندو. ان جو وڌيڪ مدار دوائن جي قيمت تي به ٿئي ٿو ۽ ڪو گھر / ڪٽنب يا ڳوٺ ان لاءِ ڪيترو پئسو خرچ ڪرڻ جي طاقت رکي ٿو. دوائن جي پيٽي لاءِ ڪي دوائون مهانگيون ٿي سگھن ٿيون. جڏهن ته ڏاهپ انهِ سمجھي وڃي ٿي ته اهم دوائون ايتري مقدار ۾ هجڻ گھرجن جن رستي هنگامي حالتن کي سولائيءَ سان منهن ڏئي سگھجي.

**نوٽ: ويم لاءِ دوائن جي پيٽي** ۾ اهڙيون دوائون موجود رکجن جيڪي دايون ۽ ڳورهاريون عورتون ويم لاءِ تيار رکن ٿيون. اهڙين دوائن جي صفحي 254 کان 255 تائين لسٽ ڏني وئي آهي.

# دوائن جي پيتي جي سنڀال ڪيئن لهجي

1. **احتياط: سڀ دوائون ٻارن جي پهچ کان پري رکجن.** ڇو ته، ڪا به دوا گهڻي وزن ۾ واپرائڻ سبب زهريلي ثابت ٿي سگهي ٿي.
2. **پڪ ڪجي ته هر دوا تي نالي جي چِٽڪي ۽ ان جي استعمال جا طريقا موجود آهن.** اهڙي معلومات يا ڪتابڙي جي هڪ ڪاپي دوائن جي پيتي ۾ به رکجي.
3. **سڀ دوائون ۽ طبي سامان گڏ، صاف، خشڪ ۽ ٿڌيءَ جاءِ تي اهڙي هنڌ رکجي،** جتي ڪاڪروچ ۽ ڪوئا پهچي نه سگهن. اوزار، پٽيون ۽ ڪپهه وغيره ڪي پلاسٽڪ جي ٿيلهين ۾ بند ڪري رکجي.
4. **سڀ اهم دوائون ضرورت وقت ترت استعمال لاءِ هميشه تيار رکجن.** استعمال ڪانپوءِ جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي ڪٽل دوائون آڻجن.
5. **هر دوا تي ان جي استعمال جي تاريخ ضرور ڏسجي.** جيڪڏهن دوا استعمال ڪرڻ جووقت گذري چڪو آهي يا ڏسڻ ۾ خراب اچي ٿي، ته اها ضايع ڪري ڇڏجي ۽ نئين خريد ڪجي.

**ياد رکو:** ڪي دوائون، خاص طور تي ٽيٽرا سائيڪلين، جڏهن پراڻيون ٿي وڃن ٿيون تڏهن انهن جو استعمال ڪرڻ خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو. جڏهن ته خشڪ حالت ۾ پينسلين دوائون (گوريون، شربت يا سئي لاءِ پائوڊر جي حالت ۾) استعمال جي تاريخ گذري وڃڻ ڪانپوءِ به هڪ سال تائين استعمال ڪري سگهجن ٿيون، بشرطيڪ اهي ڪنهن صاف، خشڪ ۽ ٿڌي هنڌ تي رکيون ويون هجن. پراڻي پينسلين جي، ممڪن آهي ته طاقت گهٽجي وئي هجي تنهنڪري توهان چاهيو ته ان جو وزن وڌائي سگهو ٿا. (احتياط: اهڙين حالتن ۾ رڳو پينسلين استعمال ڪري سگهجي ٿي، جڏهن ته ٻيون دوائون، ڏسيل وزن کان وڌيڪ واپرائڻ سبب انتهائي خطرناڪ ثابت ٿي سگهن ٿيون).



دوائون ٻارن جي پهچ کان پري رکو.

## دوائن جي پيتي لاءِ سامان وٺڻ

اهڙيون ڪيتريون دوائون جن جو هن ڪتاب ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي، وڏن شهرن جي دوائن جي دڪانن تان خريد ڪري سگهجن ٿيون. جيڪڏهن گهڻا ڪٽنب يا ڳوٺ گڏجي هڪ دفعي سان اهڙيون دوائون خريد ڪن ته عام طور تي دوائن جا دڪاندار رعايت به ڪن ٿا. پر جي اهي دوائون ڪنهن ٻئي جي دڪاندار کان وٺجن ته اجا به گهٽيون سستيون پون ٿيون.

جيڪڏهن ڪنهن دڪاندار وٽ گهربل دوا جو براند موجود نه هجي ته ان جو ٻيو براند خريد ڪري سگهجي ٿو. وٺڻ کان اڳ۾ ڏسي پڪ ڪجي ته ان براند ۾ ساڳئي دوا آهي ۽ ان جو وزن به ڏسجي.

دوائون خريد ڪرڻ وقت قيمتون به پيٽي ڏسو. ڇو ته، دوائن جا ڪيترا براند ٻين دوائن کان وڌيڪ مهانگا ٿين ٿا، جيتوڻيڪ انهن ۾ ساڳئي دوا موجود هجي ٿي. عام طور تي گهٽيون مهانگيون دوائون بهترين نٿيون ٿين. جيتري قدر ممڪن ٿي سگهي براند نالن وارين دوائن بجاءِ جينرڪ نالن واريون دوائون خريد ڪريو ڇو ته، اهي گهٽيون سستيون به ٿين ٿيون. ورلي، گهٽي مقدار ۾ وٺڻ سان پئسي جي بچت به ٿئي ٿي. مثال طور: پينسلين جو 6 لکن يونٽن جو وائل، 3 لکن يونٽن جي وائل کان ٿورڙو مهانگو ٿئي ٿو، تنهنڪري وڏي وزن وارو وائل خريد ڪري ان جا به وزن استعمال ڪجن.



# گهريلو دوائن جي پيتي

هر گهر ۾ دوائن جي پيتي ۾ هيٺيون شيون هجڻ گهرجن. دوائون ايتري مقدار ۾ هجڻ گهرجن جيئن ڀراڙين ۾ پيدا ٿيندڙ ڪيترن عام مسئلن جي علاج لاءِ ڪم اچي سگهن.

پنهنجي دوائن جي پيتي ۾ ڪارائتن گهريلو ٽوٽڪن لاءِ گهربل وکر به رکو.

| استعمال | سامان | قيمت لکي ڇڏيو | گهربل مقدار | ڏسو صفحو |
|---|---|---|---|---|
| **ڌڪ / زخم ۽ چمڙيءَ جا مسئلا:** | | | | |
| | پلاسٽڪ يا ربڙ جا دستانا يا پلاسٽڪ جون ٿيلهيون هٿن لاءِ | ________ | 1 ننڍو پاڪيٽ | 75 |
| | اسٽرلائيز ٿيل پٽيون، الڳ الڳ لفافن ۾ بند | ________ | 20 | 97، 218، 363 |
| | 1، 2، 3 انچي پٽين جا رول | ________ | هر هڪ ٻه عدد | 87 |
| | صاف ڪپهه | ________ | هڪ ننڍو ويڙهو | 14، 72، 83، 254 |
| | چنبڙندڙ ٽيپ / پٽي هڪ انچي موڪري | ________ | 2 رول | 85، 215 |
| | هڪ صابڻ، ممڪن ٿي سگهي ته جيوڙا مار صابڻ بيٽاڊين ونجي | ________ | هڪ ٽڪي يا ننڍي بوتل | 371 |
| | 70% الڪوهل | ________ | ¼ لٽر | 72، 201، 211، 254 |
| | هائڊروجن پرآڪسائيڊ (گهري رنگ جي بوتل ۾) | ________ | هڪ ننڍي بوتل | 83، 183، 213 |
| | پيٽروليم جيلي (وئزلين) ٽيوب يا جار ۾ | ________ | 1 | 91، 97، 141، 199 |
| | سفيد سرڪو | ________ | ½ لٽر | 200، 241، 294، 309 |
| | گندرف (سلفر) | ________ | 100 گرام | 200، 205، 206، 211 |
| | ڪئنچيون صاف سٿريون (زنگيل / ڪٽيل نه) | ________ | 1 عدد | 85، 254، 262 |
| | چمٽي (سنهي چهنب واري) | ________ | 1 عدد | 84، 175 |
| **بخار تپاسڻ لاءِ** | | | | |
| | ٿرماميٽر وات لاءِ مقعد لاءِ | ________ | ٻه عدد | 30، 41 |
| **سامان کي مٽيءَ وغيره کان صاف رکڻ لاءِ** | | | | |
| | پلاسٽڪ جون ٿيلهيون | ________ | گهڻيون | 195، 332 |

## دوائون

| استعمال | دوا (جينرڪ نالو) | عام نالو (لکي ڇڏيو) | قيمت (لکي ڇڏيو) | گهربل مقدار | ڏسو صفحو |
|---|---|---|---|---|---|
| بئڪٽيريا انفيڪشن لاءِ | 1. پينسلين<br>گوريون 200 م گ | | | 40 | 351 |
| | 2. ڪارٽي موڪسازول<br>(سلفا ميٽاڪسازول 400 م گ،<br>80 م گ ٽراءِ ميٽوپرم سميت | | | 100 | 358 |
| | 3. ايمپي سيلين<br>ڪيپسول 200 م گ | | | 24 | 353 |
| **ڪيئن لاءِ** | 4. ميبيندازول گوريون | | | 100 م گ جون 40<br>گوريون يا ٻه بوتلون | 374 |
| **بخار / تپ ۽ سور لاءِ** | 5. ائسپرين گوريون<br>300 م گ (5 گرين) | | | 50 | 379 |
| | 6. ائسيٽامينوفين<br>گوريون 500 م گ | | | 50 | 380 |
| **رت جي پوٽائيءَ لاءِ** | 7. فولاد (آئرن سليٽ)<br>گوريون 200 م گ (بهتر وٽامن سي<br>۽ فولڪ ائسڊ واريون ٽين ٽيون) | | | 100 | 393 |
| **اسڪئبيز خارس ۽ جوئن لاءِ** | 8. لنڊئن (گاما بينزين<br>هيگزاڪلورائيڊ ۽ / يا گندرف سلفر پائوڊر) | | | 1 بوتل<br>20 گرام | 373 |
| **خارس ۽ الٽيءَ لاءِ** | 9. پروميٿازين 25 م گ گوريون | | | 12 | 386 |
| **چمڙي جا هلڪا انفيڪشن** | 10. جينشئن وايوليٽ،<br>نڊي بوتل يا ائنٽي بايوٽڪ ملم | | | 1 بوتل<br>1 ٽيوب | 371 |
| **اکين جي انفيڪشن لاءِ** | 11. اکين جي ائنٽي بايوٽڪ ملم | | | 1 ٽيوب | 378 |

# ڳوٺ لاءِ دوائن جي پيتي

ڳوٺ لاءِ دوائن جي پيتي ۾ اهي سڀ دوائون ۽ سامان هجڻ گهرجي جنهن جو گهريلو دوائن جي پيتي ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي، پر گهٽي مقدار ۾. مقدار جو وڏيڪ مدار ڳوٺ جي آدمشماريءَ ۽ شهر کان دوريءَ تي ٿئي ٿو. ان ڪانسواءِ ڳوٺ لاءِ دوائن جي پيتيءَ ۾ هينيون دوائون پڻ هجڻ گهرجن جن مان ڪيتريون ڪن وڏيڪ خطرناڪ بيمارين جي علاج لاءِ ٿين ٿيون. اهڙين دوائن ۾ گهڻ وڏائي شهر کان ڏورانهپ ذهن ۾ رکندي ڪري سگهجي ٿي.

## واڌو سامان

| استعمال | سامان | قيمت | مقدار | صفحو |
|---|---|---|---|---|
| انجيڪشن لاءِ: | سرنج 5 م ل | | 2 | 65 |
| | نيڊل # (نمبر) 22، 3 س م ڊگهي | | 3 – 6 | |
| | # 25 ½ 1 س م ڊگهي | ________ | 2 – 4 | |
| پيشاب ۾ تڪليف لاءِ | ڪيٿيٽر (ربڙ يا پلاسٽڪ # 10 فرينچ) | ________ | 2 | 239 |
| موچ | لچڪدار پٽيون | | | 102، 175 |
| ۽ سجيل نسن لاءِ | 2 - 3 انچ موڪريون | ________ | 3 – 6 | 312 |
| ڪن وغيره تپاسڻ لاءِ | پين لائيٽ (ننڍڙي ٽارچ) | ________ | 1 | 34،255،309 |

## واڌو دوائون

| استعمال | دوا | مقامي براند نالو | قيمت | مقدار | صفحو |
|---|---|---|---|---|---|
| **سنگين انفيڪشن لاءِ:** | | | | | |
| | 1. پينسلين انجيڪشن لاءِ، جيڪڏهن رڳو هڪ هجي ته پروڪئن پينسلين جا 6 لک يونٽ في م ل | ________ | ________ | 20-40 | 352 |
| | 2. ايمپي سيلين انجيڪشن لاءِ 250 م گ ائمپيول ۽ / يا | | | 20-40 | 353 |
| | اسٽريپٽومائيسن 1 گرام، وائل پينسلين سان گڏ استعمال لاءِ (جيڪڏهن ايمپي سيلن گهٽي مهانگي هجي) | ________ | ________ | 20-40 | 354 |
| | 3. ٽيٽرا سائيڪلن ڪئپسول يا گوريون 250 م گ | ________ | ________ | 40-80 | 356 |
| **اميبيا ۽ جيارديا جي انفيڪشن لاءِ** | | | | | |
| | 4. ميبيندازول 250 م گ گوريون | ________ | ________ | 40-80 | 369 |
| **دورن لاءِ** | | | | | |
| | 5. فينوباربيٽال 15 م گ گوريون | ________ | ________ | 40-80 | 389 |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| **سنگين ائلرجي جو ردعمل ۽ سخت دم** | | | | |
| 6. اپي نيفرين (ائڊرينئلن) انجيڪشن ائمپيول 1 م گ سان | ________ | ________ | 10-5 | 385 |
| **دم لاءِ** | | | | |
| 7. ايفي ڊرين گوريون 15 م گ | ________ | ________ | 100-20 | 385 |
| **ويم ڪانپوءِ ٽيندڙ شديد رت هير** | | | | |
| 8. ارگونووِن انجيڪشن يا گوريون 0.2 م گ | ________ | ________ | 6-12 | 391 |

## ٻيون دوائون، جن جي گهٽ پر سيني هنڌن تي ضرورت نٿي پوي

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| **اکين جي خشڪيءَ جو مسئلو:** | | | | |
| وٽا من اَي (A) 2 لک يونٽ ڪيپسول | ________ | ________ | 100-10 | 392 |
| **جتي جهٽڪن جي بيماري / ٽيٽنس جو مسئلو هجي:** | | | | |
| ٽيٽنس ائنٽي ٽاڪسن 50 هزار يونٽ (ممڪن هجي ته لايو فلائيزڊ بهتر آهي) | ________ | ________ | 4-2 بوتلون | 389 |
| **جتي نانگ ڪڪڙ ۽ وڇن جي ڏنگ جو آزار هجي:** | | | | |
| (مخصوص ائنٽي وينم) | ________ | ________ | 6-2 | 388 |
| **جت ملئريا جو مسئلو هجي:** | | | | |
| ڪلوروڪوئين، ڪوئنين آرٽيمي سنين يا ڪا به اهڙي دوا جيڪا توهانجي علائقي ۾ موثر ٽيندي هجي | ________ | ________ | 200-50 | 365-368 |
| **گهٽ وزن ۾ ڄاول ٻارڙن ڪي ٽيندڙ رت هير جي علاج لاءِ:** | | | | |
| وٽامن ڪي جي انجيڪشن 1 م گ | ________ | ________ | 6-3 | 394 |

## پراڻين بيمارين لاءِ دوائون

ڪيترين پراڻين بيمارين، جهڙوڪ: سلهه، ڪوڙهه ۽ شستو سوميائيسس جون دوائون، ڳوٺ جي دوائن جي پيتيءَ ۾ رکڻ معقول سمجهيون وڃن ٿيون ته نه به. چو ته، اهو يقين ڪرڻ لاءِ ته اهڙو فرد واقعي اهڙيءَ ڪنهن بيماريءَ ۾ مبتلا آهي، عام طور تي ڪنهن صحت مرڪز ۾ مخصوص تپاس رستي پڪ ڪرڻ ضروري سمجهي وڃي ٿي، جتان ان بيماريءَ جون گهربل دوائون به ملي سگهن ٿيون. مٿئين بيمارين جون ۽ ڪي ٻيون دوائون ڳوٺ جي دوائن جي پيتيءَ ۾ شامل ڪيون وڃن ٿيون يا نه، ان جو مدار مقامي صورتحال ۽ اتان جي ذميوار ماڻهن جي قابليت تي مدار رکي ٿو.

### ويڪسين – Vaccines

جيئن ته ويڪسينون عام طور تي صحت کاتو مهيا ڪري ٿو، ان سبب اهي ڳوٺ جي دوائن جي پيتي ۾ شامل نٿيون ڪيون وڃن. جڏهن ته، وڌ ۾ وڌ ڪوشش ڪري اهڙن سيني ٻارڙن کي، اهي جيئن جيئن مختلف قسمن جي ويڪسينن هڻائڻ جي عمرين جا ٿيندا وڃن (ڏسو ص. 147) کين ويڪسين ڪرائي ڇڏجي. بهرحال، جيڪڏهن ريفريجريٽر جي سهوليت موجود هجي ته خاص طور تي ڊي پي ٽي، پوليئي ۽ ارڙيءَ جون ويڪسين، دوائن جي پيتيءَ واري لسٽ ۾ شامل ڪري سگهجن ٿيون.

# ڳوٺ جي دوائن جي دڪاندار سان ٻه ٽي ڳالهيون



جيڪڏهن توهان پنهنجي دڪان تي دوائون وڪڻندڙ آهيو تڏهن ممڪن آهي ته ماڻهو توهان کان اهو پڇن ته ڪين ڪهڙيون دوائون ڪڏهن خريد ۽ ڪڏهن استعمال ڪرڻ گهرجن. توهان هڪ اهڙي هنڌ ۽ حالت ۾ آهيو جو ماڻهن جي ڄاڻ ۽ صحت تي خاص اثر ڇڏي سگهو ٿا.

هي ڪتاب توهانکي درست صلاح ڏيندو ۽ اها به مدد ڪندو ته توهان جا گراهڪ رڳو اهي دوائون خريد ڪري سگهن جن جي ڪين واقعي ضرورت آهي.

جيئن توهانکي خبر آهي ته ماڻهو بہ، عام طور تي دوائن خريدڻ تي گهڻ پئسا خرچ ڪن ٿا جو وٽن هجن ئي ايترا ٿا پر پوءِ به اهي دوائون سندن لاءِ ڪارائتيون ثابت نه ٿيون ٿين. جڏهن ته توهان ڪين سندن صحت جي ضرورتن بابت سنيءَ طرح سان سمجهائي سگهو ٿا ته جيئن اهي پنهنجي پگهر جو پورهيو ڏاهپ سان خرچ ڪري سگهن. مثال طور:

- جيڪڏهن ماڻهو اچي توهان کان کنگهه جو شربت، اهڙن دستن جي دوا جيڪي ڪائوپيڪٽيٽ کان گهاٽا هجن، وٽامن بي 12 يا جيريءَ جي ست جي گهر ڪن جنهن سان رت جي پوٽائي جو علاج ٿئي ٿو، موچ يا سور ختم ڪرڻ لاءِ پينسلين يا جڏهن ڪين زڪام تي پوي ته ٽيٽراسائيڪلن گهرن تڏهن توهان ڪين سمجهايو ته اهڙين حالتن ۾ انهن دوائن جي استعمال ڪرڻ جي ضرورت نه ٿي ٿئي ۽ استعمال ڪرڻ سان فائدي بجاءِ اهي وڌيڪ نقصانڪار ثابت ٿي سگهن ٿيون. ان لاءِ ڪين سمجهايو ته دوائون بجاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي.
- جيڪڏهن ڪو طاقت لاءِ وٽامن جو شربت گهري ٿو ته ان بجاءِ ڪيس آماده ڪريو ته هو آنا، ميوو، يا سايون ڀاجيون وٺي کائي. ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪريو ته انهن ۾ وڌيڪ وٽامنون ٿين ٿيون ته ايترن پئسن مان طاقت جي شربت جي ڀيٽ ۾، منجهن وڌيڪ غذائي طاقت ٿئي ٿي.
- جڏهن ڪا دوا وات رستي کائي سگهجي ٿي پر ان بجاءِ هو انجيڪشن لاءِ چوندا هجن تڏهن ڪين سمجهائجي ته وات رستي دوا به ايتري ئي اثرائتي ۽ ڪارائتي ٿئي ٿي ته اها انجيڪشن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ سلامتيءَ واري پڻ ٿئي ٿي.
- جيڪڏهن ڪو ليس زڪام لاءِ گوريون خريدڻ چاهي يا اهڙي ڪا ٻي مهانگي دوا جنهن ۾ ٻيون به ڪيتريون دوائون گڏيل هجن تڏهن توهان ڪين سمجهايو ته انهن بجاءِ پئسا بچائي، ائسپرين، ائسيٽامينوفين يا آءِ بيوپروفين گوريون وٺي گهڻيءَ پاڻيءَ سان استعمال ڪريو.

توهان اهڙيون ڳالهيون ماڻهن کي سولائيءَ سان سمجهائي سگهو ٿا جيڪڏهن توهان هن ڪتاب ۾ ڏنل اهڙي معلومات، ماڻهن سان گڏجي پڙهو.

سڀ کان اهم ڳالهه، رڳو اهي دوائون وڪرو ڪيو جيڪي ڪارائتيون آهن. پنهنجي دڪان ۾ اهي دوائون ۽ سامان رکو جن جو گهريلو ۽ ڳوناٽي دوائن جي پيتي لاءِ ذڪر ڪيو ويو آهي ته ساڳئي وقت اهي به رکو جيڪي توهانجي ڳوٺ يا علائقي جي عام بيمارين لاءِ ضروري ٿين ٿيون. ڪوشش ڪري سستيون جينرڪ يا اهي دوائون جيڪي سستي برانڊ واريون هجن رکو. هر اها دوا جيڪا مدي خارج / پراڻي، خراب يا بيڪار ٿي وئي هجي ڪڏهن به نه وڪڻو.

توهانجو دڪان هڪ اهڙو هنڌ ٿي سگهي ٿو جتان ماڻهو پنهنجي صحت جي سار سنڀال لهڻ لاءِ گهڻو ڪجهه سکي / پرائي سگهن ٿا. جيڪڏهن توهان ماڻهن کي دوائون عقلمنديءَ سان استعمال ڪرڻ، اهو يقين ڪرڻ ته دوا خريد ڪندڙ کي ان دوا جي استعمال، وزن، فائدن ۽ نقصانن ۽ احتياطن جي سني ڄاڻ آهي ته اها، پنهنجي وسنديءَ جي ماڻهن جي لاءِ زبردست خدمت ٿيندي.